# تاجدار ختم نبوت، مرزائيت
# ۽ علماء اهلسنت




## خيال كتري

ڇپائيندڙ
ميلاد مصطفي ﷺ آرگنائيزيشن متياري

# تاجدار ختمِ نبوتﷺ

# مرزائيت ۽ علماءِ اهلسنت

خيال کتري

ميلاد مصطفيٰ ﷺ آرگنائيزيشن مٽياري

حق ۽ واسطا محفوظ

كتاب نمبر (9)

كتاب جو نالو: تاجدارِ ختمِ نبوت، مرزائيت ۽ علماء اهلسنت
موضوع : ختم نبوت (عقائد)
تاليف : خيال كتري
ڇاپو پهريون: شعبان المعظم 1442هـ / مارچ 2021ع
تعداد : 500
ڇپائيندڙ : ميلاد مصطفيٰ ﷺ آرگنائيزيشن مٽياري 03332851250
رابطي لاءِ : 03063843431، 03332851250، 03040314270

ارپنا

مجاهدانِ ختم نبوت

حضرت سيدنا صديق اڪبر رضي الله عنه کان

محرڪ تحريڪ ختم نبوت 1974

مولانا شاهه احمد نوراني صديقي رحمة الله عليه

(1-4-1926 کان 11-12-2003)

# خَتمِ نبُوّت

الله تبارڪ و تعاليٰ ڪائنات خلقي. ان سموري ڪائنات ۾ انسانن کي علم سان نوازي، اشرف المخلوقات جو درجو ڏنو. انهن جي رهنمائي ۽ رهبري لاءِ انبياء ڪرام جو سلسلو جوڙيو. جنهن ۾ پهريون نبي سڳورو حضرت آدم عليه السلام آهي. حضرت آدم عليه السلام پهريون انسان ۽ سموري انسانيت جو ابو پڻ آهي. جنهن ڪري ئي سندن لقب "ابوالبشر" آهي. اهوئي دنيا ۾ پهريون نبي هو. جنهن جي وصال کانپوءِ رب پاڪ مختلف وقتن تي، مختلف قومن ۾ ۽ مختلف هنڌن تي مختلف نبيءَ سڳورا موڪليندو رهيو. جيڪي انسانن کي سٺين واٽ جي تلقين ۽ برائين بڇڙائين کان بچڻ جي هدايت ڪندا رهيا. هن سلسلي جي پڇاڙي لڳ ڀڳ سوا لک انبياءَ ڪرامن جي اچي وڃڻ کانپوءِ آخري نبي، محبوب ڪريم رؤف رحيم، حضرت محمد مصطفيٰ احمد مجتبيٰ صلي الله عليه وسلم جن جي مبعوث ٿيڻ تي ٿي. رب پاڪ پنهنجي ڪلام پاڪ ۾ ختمِ نبوت جو حڪم نازل ڪري، انسانيت کي آگاهه ڪري ڇڏيو ته هاڻي ٻيو ڪو به نبي دنيا تي نه ايندو. جيڪي نبيءَ سڳورا اچڻا هئا، سي سڀئي اچي چڪا. آخر ۾ پنهنجي محبوب ڪريم کي نبوت جي مهر ڪري اماڻيو. جيئن پاڻ ڪريمن صلي الله عليه وسلم جو ارشاد گرامي آهي ته:

"عَنْ وَّهبِ بنِ مُنَبِّهٍ قَال: وَ كَانَ مُوسي رَجُلاً جَعداً اٰدمَ طُوالاً كَاَنَّه مِنْ رِجَالِ شَنُوءَةَ وَلَمْ يَبعَثِ اللهُ نَبِياً اِلَّا وَ قَدْ كَانَتْ عَلَيهِ شَامَةُ النُّبُوَّةِ فِيْ يَدِهِ اليُمنيٰ اِلَّا اَنْ يَّكُونَ نَبِيُّنا مُحَمَّدٌ صلي الله عليه وسلم فَاِنَّ شَامَةَ النُّبُوَّةِ كَانَتْ بَيْنَ كَتِفَيهِ وَ قَدْ سُئِلَ نَبِيُّنا صلي الله عليه وسلم عَنْ ذٰلِكَ فَقَالَ: هٰذِهِ الشَّامَةُ الَّتِي بَيْنَ كَتِفَيَّ شَامَةُ الْاَنبِيَاءِ قَبلِي لِاَنَّه لَا نَبِيَّ بَعْدِي وَلَا رَسُول."

ترجمون: وهب بن منبہ بيان ڪري ٿو تہ حضرت موسيٰ عليه السلام ڏٺو تہ کي قد وارو هوءِ ان جا وار گهنڊيدار هئا. جڏهن ڪ هو شنوءَ قبيلي مان هوءِ الله تعاليٰ جيترا بہ نبيءَ مبعوث فرمايا، انهن جي ساڄي هٿ ۾ مهر نبوت هوندي هئي، پر اسان جي نبي ﷺ جي ڪلهن جي وچ ۾ مهر نبوت هئي. جنهن بابت اسان جي نبيءَ کان سوال ڪيو ويو تہ پاڻ فرمايائون. ”منهنجي ڪلهن جي وچ ۾ اها مهر نبوت آهي، جيڪا مون کان اڳ نبين تي هوندي هئي. چاڪاڻ تہ مون کان پوءِ ڪوبہ نبي ٿيندو نہ رسول“.

(المستدرڪ علي الصحيحين، رقم الحديث 4157)

جنهن ڪان پوءِ قيامت تائين سندن ئي رهبري ۽ رهنمائي حق جي پانڌيئڙن لاءِ ڪوڙ آهي. سيئي عام انسان توڙي خاص ۽انها انهيءَ بحر بي ڪران مان سيراب ٿيندا رهندا. جيئن فرمان خداوندي آهي:

”لَقَدْ كَانَ لَكُمْ فِي رَسُولِ اللَّهِ أُسْوَةٌ حَسَنَةٌ“ (سوره الاحزاب:21)

ترجمو:- ”توهان لاءِ رسول عربيءَ جي تابعداري ڪرڻ ۾ تمام گهڻي بهتري آهي.“ (سورة احزاب : 21 ترجمو بيان الرحمن في ترجمة القرآن از علامہ پير عبدالوحيد سرهندي)

الله تبارڪ وتعاليٰ قرآن مجيد نازل ڪري، قيامت تائين سيني جهانن لاءِ نصيحت مهيا ڪري ڇڏي، هاڻي نہ ڪنهن نبيءَ جي ۽ نہ ئي ڪنهن ڪتاب جي حاجت رهي. پنهنجي ڪلام ۾ رب پاڪ فرمائي ٿو:

إِنْ هُوَ إِلَّا ذِكْرٌ لِلْعَالَمِينَ . . (سوره ص :87)

ترجمو:- ”ناهي اهو (قرآن مجيد) مگر سيني جهانن لاءِ نصيحت آهي“. (سورة ص : 87 بيان الرحمن في ترجمة القرآن از علامہ پير عبدالوحيد سرهندي)

ائين بہ نہ آهي. تہ رب پاڪ قرآن فقط نازل فرمايو مگر ان سان گڏوگڏ ان جي حفاظت جو ذمو بہ پاڻ کنيائون. تہ جيئن هيءُ قرآن مجيد. جيڪو قيامت تائين هر جهان واسطي نصيحت. رهنمائي ۽ رحمت آهي. ان ۾ ڪا مَٽ سَٽ نہ ٿي وڃي. جهڙيءَ ريت اڳين ڪتابن زبور. توريت ۽ انجيل وغيره ۾ ماڻهن طرفان تبديلي ڪئي ويئي آهي. سي هن وقت ان صحت سان سالم نہ رهيا آهن. جهڙي حالت ۾ اهي خداءِ بزرگ و برتر وٽان نازل ٿيڻ وقت هئا. جيئن ڪتاب "بائبل ۾ ردوبدل" از محمد اسلم رانا. لکي ٿو تہ: "بائبل ۾ ڪيترائي پيرا عيسائي عالمن طرفان سڌارو آندو ويو آهي. جنهن ڪري بائبل ۾ ڪافي ڦيرڦار ٿي چڪي آهي. اصلي حيثيت وڃائي چڪي آهي. اهڙي ردوبدل کي تحريف چئبو آهي. جنهن ڪري ڪتاب جي اصل حيثيت گهٽجي ويندي آهي."

انسانن جي عادت کان رب العالمين چڱيءَ ريت واقف آهي. ان ڪري فرمائي ڇڏيو:

إِنَّا نَحْنُ نَزَّلْنَا الذِّكْرَ وَإِنَّا لَهُ لَحَافِظُونَ (سوره الحجر: 9)

ترجمون: "بيشڪ اسان قرآن ڪريم نازل فرمايو آهي ۽ بيشڪ اسين پاڻ ان جا محافظ آهيون." (سورة الحجر: 9. ترجمو بيان الرحمن في ترجمة القرآن از علامہ پير عبدالوحيد سرهندي)

جهڙيءَ طرح قرآن مجيد فرقان حميد قيامت تائين ڪارگر ۽ فائديمند آهي. ان کان پوءِ ڪوبہ الهامي ڪتاب نازل نہ ٿيندو اهڙي ئي نموني حضور پر نور شافع يوم النشور ﷺ جن جي نبوت پڻ قيامت تائين. ايندڙ هر قوم جي لاءِ ڪافي ۽ شافي آهي... جنهن بعد ڪابہ نئين شريعت نہ ايندي ۽ نہ ئي ڪو نبي مبعوث ٿيندو. ڇاڪاڻ تہ نبوت جي عمارت مڪمل ٿي چڪي. جيئن پاڻ ڪريم رؤف رحيم ﷺ جن جو ارشاد گرامي آهي.

حضرت جابر رضي الله عنه کان روايت آهي، ته رسول الله ﷺ جن فرمايو:
”يعني منهنجو ۽ مون کان اڳين نبين جو مثال هڪ مرد وانگر آهي، جنهن گهر ناهي پورو ڪيو ۽ سهڻو بنايو، مگر هڪ سر جي جاءِ رهائي ڇڏيائين. پوءِ جيڪو به ان ۾ داخل ٿيو ان ڏسي چيو ته گهر ڪهڙو نه سهڻو نهيل آهي، مگر هڪ سر جي جاءِ رهي پئي آهي اها سر جي جاءِ مان آهيان. مون سان نبي ختم ڪيا ويا.“
(تفسير احسن البيان جلد 7 صفحه 319، الصحيح البخاري: حديث نمبر 3341، الصحيح المسلم: حديث نمبر 2287)

حضرت ثوبان رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو:

إِنَّهُ سَيَكُونُ فِي أُمَّتِي كَذَّابُونَ ثَلَاثُونَ، كُلُّهُمْ يَزْعُمُ أَنَّهُ نَبِيٌّ وَ أَنَا خَاتَمُ النَّبِيِّينَ لَا نَبِيَّ بَعْدِي.

”جلد منهنجي امت ۾ ٽيهه ڪوڙا وجود ۾ ايندا، هر هڪ سمجهندو ته اهو نبي آهي ۽ مان آخري نبي آهيان ۽ مون کان بعد ڪو به نبي ناهي.“
(تفسير احسن البيان جلد 7 صفحه 319) (السنن ترمذي حديث نمبر: 2219، ابن ماجه: 3952، ابو دائود: 4252)

الله تعاليٰ هيٺين آيت نازل ڪري نبوت تي مهر هڻي، نبوت جو سلسلو مڪمل ڪري ڇڏيو:

مَا كَانَ مُحَمَّدٌ أَبَا أَحَدٍ مِّن رِّجَالِكُمْ وَلَٰكِن رَّسُولَ اللَّهِ وَخَاتَمَ النَّبِيِّينَ ط

ترجمون: ”محمد ڪريم توهان مان ڪنهن مرد جو والد مڪرم ناهي، پر پاڻ الله جا سچا رسول ۽ خاتم النبين آهن.“ (سوره الاحزاب : 40 ترجمو بيان الرحمن)

هڪ ٻئي هنڌ قرآن پاڪ ۾ ارشاد آهي:

”قُلْ يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ اِنِّيْ رَسُوْلُ اللّٰهِ اِلَيْكُمْ جَمِيْعًا (اعراف: 158)

ترجمون: ”توهان فرمايو اي ماڻهؤ آئون توهان سڀني ڏانهن الله جو رسول آهيان.“

پاڻ سڀورن جن لاءِ هڪ ٻئي هنڌ ڪلام پاڪ ۾ ارشاد آهي:

وَمَآ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا كَآفَّةً لِّلنَّاسِ بَشِيْرًا وَّنَذِيْرًا (سوره سبا: 28)

ترجمون: ”۽ نہ موڪليو اسان اوهان کي مگر مڙني ماڻهن جي لاءِ خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ“ (تفسير احسن البيان)

وَمَآ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا رَحْمَةً لِّلْعٰلَمِيْنَ (سوره الانبياء 107)

ترجمون: ”۽ نہ موڪليو اسان تو کي مگر رحمت بنائي جهانن لاءِ“ (تفسير احسن البيان)

اوهان کي ياد رکڻ گهرجي تہ الله پاڪ جي آخري رسول حضرت محمد مصطفي ﷺ کان اڳ جيڪي بہ نبيءَ سڳورا آيا. اهي ماڻهن کي الله جي واٽ ڏسڻ کان سواءِ آخر ۾ ايندڙ رسول ڪريم ﷺ جي آمد جي بہ خوشخبري ڏيندا رهيا. تہ انهن کي ان تي ايمان آڻڻ جي بہ تبليغ ڪندا رهيا. ڇاڪاڻ تہ انهن لڳ ڀڳ سوا لک نبين سڳورا پنهنجي امتن کي آخري نبي جون خصوصيتون ٻڌائي ان رسولجي اچڻ جو چٽن لفظن ۾ اعلان ڪندا ويا. جيئن حضرت موسي عليه السلام پاڻ تي نازل ٿيندڙ الهامي ڪتاب توريت ۾ اهڙو اظهار هن ريت ڪيو آهي.

”هُو جبل فاران مان جلوه گر ٿيو ۽ لکين قدسين مان آيو. (استثنا باب 33 آيت 2)

# ختم نبوت (عقائد)

جبل فاران مکي شريف جو مشهور ۽ معروف جبل آهي. جنهن جي هڪ غار ۾ پاڻ سڳورا ﷺ عبادت ڪندا هئا. ۽ انهيءَ غار ۾ ئي اعلانِ نبوت جو حڪم مليو هئن. جيڪو غارِ حِرا جي نالي سان مشهور آهي. لکين قدسين مان مراد اصحاب سڳورا آهن.

بائبل جي هڪ ٻئي ڪتاب ملاڪيءَ ۾ آهي ته:

”ڏسو آئون پنهنجي رسول کي موڪليندس ۽ هو منهنجي رستي کي صاف ڪندو ۽ خداوند جنهن جا توهان خواهشمند آهيو! اوچتو پنهنجي هيڪل ۾ اچي ظاهر ٿيندو. ها اهو عهد جو رسول جنهن جا توهين طالب آهيو ايندو.“

رب الافواج فرمائي ٿو:

”پر ان جي اچڻ جي ڏينهن جي ڪنهن ۾ تاب آهي! ۽ جڏهن ان جو ظهور ٿيندو ته ڪير آهي جو بيهي سگهندو ڇو ته هو سوناري جي باهه ۽ ڌوٻيءَ جي صابڻ جيان هوندو.“ (ملاڪي باب 3 آيت 1_2)

حضرت دائود عليه السلام پاڻ تي نازل ٿيندڙ ڪتاب زبور ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جي آمد جي هنن الفاظن ۾ تبليغ ڪئي آهي.

”هو فديو ڏئي انهن جي جان کي ظلم ۽ ڏاڍ کان ڇڏائيندو ۽ انهن جو خون هُن جي نظر ۾ قيمتي هوندو.“ (زبور باب 72 آيت 17)

اعلان نبوت کان پوءِ اسلام جي اوٽ ۾ ايندڙ شمع رسالت جي پروانن تي سماج پاران ظلم ۽ ڏاڍ جا پهاڙ ڪيرايا ويا. انهن سان غير انساني سلوڪ ڪيو ويو. انهن جي جانين کي اذيتون ڏنيون ويون. ايستائين جو تتل زمين تي ليٽائي، دين تان ڦرڻ لاءِ زور وڌو پر انهن جي دلين ۾ عشق مصطفيٰ ﷺ جي دُکيل چڻنگ، شعلي جو روپ وٺي وڌندي رهي. اهڙن عظيم انسانن ۾ حضرت بلال حبشي رضي الله عنه جو نالو تمام گهڻو مشهور آهي. جنهن کي حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه خريد ڪري، آقاءِ دوجهان ﷺ کي تحفي ۾ ڏنو.

هڪ ٻئي هنڌ زبور ۾ ئي اچي ٿو ته: ”ان جو نالو هميشه قائم رهندو. جيستائين سج آهي، ان جو نالو رهندو. (زبور باب 72 آيت 14

اسان جي روزاني جي مشاهدي ۾ آهي ته حضور اڪرم نور مجسم ﷺ جن جو ذڪر مبارڪ ڏينهون ڏينهن وڌندو رهي پيو.

حضرت عيسيٰ عليه السلام پاڻ سان آئيندڙ الهامي ڪتاب انجيل ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جي آمد جي خوشخبري هنن لفظن ۾ ڏني آهي.

”۽ انصاف جي نسبت هيئن جو دنيا جي سردار جو فيصلو ٿي چڪو آهي. مون کي اڃا اوهان سان گهڻيون ئي ڳالهيون ڪرڻيون آهن. پر هاڻي اوهين سهي ڪين سگهندا. جڏهن سچ جو پاڪ روح ايندو تڏهن هو اوهان کي سموري سچ ڏانهن وٺي ويندو. هو پنهنجي طرفان ڪجه به نه ڳالهائيندو. پر جيڪي ڳالهيون ٻڌندو سي ئي چوندو. ۽ جيڪي ٿيڻو آهي. سو هو اوهان کي کولي ٻڌائيندو.“ (انجيل يوحنا باب 16 آيت 11 کان 14)

مذڪوره سڀ نشانيون آخري نبي حضرت محمد مصطفيٰ احمد مجتبيٰ ﷺ جون ئي آهن. ۽ ان ۾ ئي اهي سڀ خوبيون موجود آهن. جيڪو الله پاڪ جو آخري نبي ٿي مبعوث ٿيو. ۽ نبوت جو دروازو هميشه لاءِ بند ڪيو ويو. جيڪڏهن ڪو باقي نبي اچڻو هجي ها، ته اڳين نبين وانگر ايندڙ نبيءَ جو پاڻ سڳورا اعلان ڪن ها. يا ان بابت پنهنجي امت کي آگاهي ڏين ها. جهڙيءَ ريت اڳوڻن نبين سڳورن، پنهنجي امت کي ڄاڻ ڏني. ايتروئي نه پر پاڻ ڪريم ﷺ آخري نبي هئڻ جي پڌري تعليم فرمائي ڇڏي ۽ آخري نبيءَ جي مبعوث ٿيڻ ڪانپوءِ قيامت تائين نئين هادي يا رهنما جي ضرورت باقي نه رهي. ڇاڪاڻ ته خود پروردگار پنهنجي ڪلام پاڪ ۾ پڌرو ڪري ڇڏيو ته:

اَلۡيَوۡمَ اَكۡمَلۡتُ لَكُمۡ دِيۡنَكُمۡ وَاَتۡمَمۡتُ عَلَيۡكُمۡ نِعۡمَتِىۡ وَرَضِيۡتُ لَكُمُ الۡاِسۡلَامَ دِيۡنًا (المائده:3)

ترجمو: "اڄوڪي ڏينهن مون توهان جي لاءِ توهان جو دين ڪامل ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي نعمت اوهان تي پوري ڪيم ۽ توهان جي لاءِ دين اسلام پسند ڪيم."

نبوت جو سلسلو حضرت آدم عليہ السلام کان هلي حضرت محمد مصطفيٰ احمد مجتبيٰ ﷺ تي ختم ٿيو. ان کان بعد جيڪڏهن ڪو نبي هئڻ جي دعويٰ ڪري ته پڪ سمجهو ڪوڙو آهي. ڇاڪاڻ ته پاڻ سڳورن ﷺ جون اهڙيون حديثون موجود آهن. جن مان هڪ مٿي ڄاڻائي وئي آهي. بخاري شريف ۾ پاڻ ڪريمن ﷺ جو فرمان عاليشان آهي:

"آئون ستو پيو هوس ته زمين جا خزانہ مون وٽ آندا ويا ۽ منهنجي هٿ تي ٻہ سونا ڪنگڻ رکيا ويا. جيڪي مون کي خراب لڳا. پوءِ مون کي وحي ڪئي وئي ته آئون انهن کي ڦوڪ هڻان. مون انهن تي ڦوڪ هنئي ته اهي اڏامي ويا. مون انهن جي تعبير ٻن ڪوڙن مان ورتي. جن جي آئون وچ ۾ آهيان... هڪ صنعان جو ۽ ٻيو يمامہ جو." (بخاري شريف جلد 8 حديث نمبر 7039)

صنعان جو ڪوڙو شخص اسود عنسي ۽ يمامہ جو مسيلمہ ڪذاب. ٻنهي نبوت جي ڪوڙي دعويٰ ڪئي هئي.

"حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه کان روايت آهي ته جيستائين حضرت نبي ڪريم ﷺ مسيلمہ ڪذاب جي باري ۾ پنهنجي راءِ جو اظهار نہ ڪيو هو. ماڻهن ان بابت گهڻو ڪجهہ چيو هو. پوءِ هڪ ڏينهن حضور نبي اڪرم ﷺ ماڻهن کي خطاب جي لاءِ تشريف فرما ٿيا ۽ الله جي لائق ان جي حمد ۽ ثنا کان بعد فرمايو: "هي ماڻهو جنهن لاءِ توهان تمام گهڻي گفتگو ڪري رهيا آهيو. بيشڪ سو دجال اڪبر کان پهرين نڪرندڙ ٽيهن ڪذابن مان هڪ آهي." (المستدرڪ حاڪم جلد4 حديث 8624)

"حضرت عبدالله بن الزبير رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو ته: قيامت ان وقت تائين قائم نہ ٿيندي جيستائين ٽيهہ ڪذاب دجال نہ نڪري اچن. انهن ۾ مسيلمہ عنسي، مختار ثقفي (م67

هجري). عرب جا شرپسند قبيلا بنو اميہ بنو حنيفہ ۽ ثقيف آهن“.
(المسند ابويعلي حديث نمبر: 6820)

هن حديث شريف ۾ بيان ڪيل ڪذاب مسيلمہ، اسود عنسي، مختار بن ابو عبيد ثقفي ٽنهي نبوت جي دعويٰ ڪئي ۽ سرڪشن ۾ سر فهرست نالو حجاج بن يوسف ثقفي آهي.

تاريخ طبري موجب اسود عنسي پاڻ سڳورن ﷺ جي ظاهري حيات مبارڪ ۾ ئي قتل ڪيو ويو. جنهن کي فيروز ديلميءَ، صفر 11 هجريءَ ۾ ڪيفرِ ڪردار تي پهچايو. طليحہ بن خويلد اسدي بہ پاڻ ڪريمن جي حيات مبارڪ ۾ ڪوڙي نبوت جي دعويٰ ڪئي هئي. پر حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جي دور خلافت ۾ واپس بيعت ڪري اسلام ۾ داخل ٿيو.

مسيلمہ ڪذاب (م 12هجري) کي سيدنا صديق اڪبر عتيق اظهر رضي الله عنه جي دور خلافت ۾ ان جي حڪم تي جنگ يمامہ ۾ حضرت خالد بن وليد رضي الله عنه جي سپاهي حضرت وحشي رضي الله عنه قتل ڪيو.

اهڙن ڪوڙن ماڻهن ۾ هڪ عورت سجاع بنت حارث تميمي (م 55 هجري) بہ شامل هئي. هيءَ مسيلمہ ڪذاب جي زال هئي. ان کان سواءِ حارث ڪذاب دمشقي (م 69 هجري) مغيره بن سعيد عجلي(م119 هجري)، بيان بن سمعان تميمي (م119 هجري)، صالح بن طريف (م 174 هجري)، الياس بن صالح (م 224 هجري)، يونس بن الياس (م 268 هجري)، ابو غفير بن يونس (م312 هجري)، (هي هڪ ئي خاندان پشت بہ پشت هلندو رهيو) ابو منصور عيسيٰ برغواطي (م 369 هجري)، ذڪڻ آفريڪا جو اسحاق اخرس (اخرس معنيٰ گونگو)، علي بن محمد خارجي (م207 هجري)، بابڪ بن عبدالله (م 222 هجري)، علي بن فضل يمني (م 303 هجري)، عبدالعزيز باسندي (م 322 هجري)، حاميم مجلسي(م329 هجري)، ابو منصور عسمي برغواطي (م369 هجري)، احمد بن قسي (م 560 هجري)، عبدالحق مرسي (م667 هجري)، عبدالعزيز طرابلي (م717 هجري)، اصغر تغلبي (م717 هجري)، بايزيد روشن (م 990 هجري)، بهاءُ الله نوري (م1308 هجري).

هندستان ۾ سڀني کان پهرين ڪوڙو اڪبر بادشاھ (م 1014 هجري) هو. جنهن نبوت جي ڪوڙي دعويٰ ڪئي ۽ اسلام جو گهڻو نقصان ڪيو. جنهن جو مجدد الف ثاني حضرت شيخ احمد سرهندي رحمة الله عليه (م 1034 هجري) مقابلو ڪيو.

جنهن بعد مرزا غلام احمد قادياني، جيڪو پنجاب انڊيا جي ڳوٺ قاديان ضلع گورداس پور ۾ 1839ع ۾ ڄائو. سيرت محمدي موجب 1836ع ۾ ڄائو. سندس پيءُ جو نالو غلام مرتضيٰ هو. جيڪو سمرقندي مغل گهراڻي سان تعلق رکندو هو. مرزا غلام احمد قادياني عام رواجي علم عربي، فارسي ۽ طب حاصل ڪيا. گڏوگڏ مذهبي ڪتابن جو مطالعو جاري رکيو. مذهبي مناظرن ۾ پڻ حصا وٺندو رهيو.

مرزا قادياني 1880ع ۾ ڪتاب "براهين احمديه عليٰ حقيقت ڪتاب الله القرآن والنبوة المحمديه" (چار حصا) امرتسر مان ڇپائي پڌرا ڪيا. جنهن ۾ پاڻ ڏانهن الهام جي اچڻ جو لکيو ۽ 1884ع ۾ مجدد وقت هئڻ جي دعويٰ ڪئي. بعد ۾ هن چيو ته مون کي الهام جي ذريعي حڪم ٿيو آهي. ته آئون بيعت وٺي جماعت جوڙيان. مون کي اسلام جي خدمت واسطي مقرر ڪيو ويو آهي. جنهن بعد 23 مارچ 1889ع تي لڌياڻه ۾ بيعت ورتي ۽ باقاعدي جماعت احمديه جي پيڙھ رکي. ان وقت سندس چاليھ مريد ٿيا. جن مان پهريون حڪيم نورالدين هو.

1891ع ۾ مثيل عيسيٰ (حضرت عيسيٰ عليه السلام جي مثل). بعد ۾ مسيح موعود (واعدو ڪيل عيسيٰ خود) سڏايو ۽ نومبر 1901ع ۾ مستقل ڪوڙي نبوت جي دعويٰ ڪئي. 26 مئي 1908ع تي هيضي جي بيماريءَ سبب مري ويو. ڪتاب شعور ختم نبوت اور قاديانيت شناسي صفحه 32 موجب ڪاڪوس ۾ مئو.

27 مئي 1908ع تي حڪيم نورالدين کي خليفو چونڊيو ويو. جيڪو 1914ع ۾ مري ويو. جنهن کان پوءِ جماعت احمديه ٻن حصن ۾ ورهائجي وئي. هڪ حصو مرزا بشير الدين محمود احمد جي سربراهي ۾ نظام خلافت جو مرڪز قاديان ۾ قائم ٿيو. جيڪو احمديه مسلم جماعت سڏائڻ لڳو. جڏهن ته ٻيو حصو مولوي محمد علي جي

سربراهيءَ ۾ لاهور ۾ احمديہ انجمن اشاعت اسلام لاهور جي نالي سان قائم ڪيو ويو. 1934ع ۾ تحريڪ جا جديد نالي سان سموري دنيا ۾ تبليغي مرڪز قائم ڪري اشاعت جو نظام شروع ڪيو. 1947ع ۾ پاڪ و هند ورهاڱي جي نتيجي ۾ احمديہ مسلم جماعت ڪي پنهنجو مرڪز قاديان مان عارضي طور لاهور ۾، جنهن بعد مستقل نئين آباد ڪيل شهر ربوه ۾ منتقل ڪرڻو پيو.

1965ع ۾ ٽيون خليفو مرزا ناصر احمد چونڊيو ويو. 1974ع ۾ پاڪستان جي قومي اسيمبليءَ ۾ جماعت احمديہ کي هڪ آئيني ترميم ذريعي غير مسلم قرار ڏنو ويو. 1982ع ۾ چوٿون خليفو مرزا طاهر احمد چونڊيو ويو. 1984ع ۾ صدر ضياءُ الحق جي حڪومت ۾ امتناعي قاديانيت آرڊيننس ذريعي جماعت احمديہ جي گهٽين سرگرمين جهڙوڪ: اسلامي طريقي جو سلام ڪرڻ، پنهنجي عبادت گاهن کي مسجد سڏڻ، بانگ ڏيڻ تلاوت ڪرڻ وغيره تي پابندي لڳائي ڇڏي

احمدين لاءِ پنهنجي عقيدن جي تبليغ ڪرڻ ۽ اشاعت ڪرڻ قابل گرفت قرار ڏنا ويا. انهيءَ پابنديءَ سبب چوٿين خليفي پنهنجو مرڪز پاڪستان مان ڪڍي لنڊن ۾ وڃي قائم ڪيو.

2003ع ۾ پنجين خليفي مرزا سرور احمد جي چونڊ ٿي.

هن مختصر قاديانيت جي تعارف کان پوءِ ان جي سدِ باب بڻجندڙ علماء ڪرام جي خدمات جو اجمالي جائزو پيش ڪجي ٿو.

جيئن ٿي مرزا غلام احمد قادياني ڪتاب براهين احمديہ 1880ع ۾ لکي، مختلف خرافات جو اظهار ڪرڻ شروع ڪيو. تہ ان وقت ۾ موجود اهل سنت جي علمائن بروقت ان جو جواب ڏيڻ شروع ڪيو. جنهن جو تفصيل ڏيڻ لاءِ ضخيم ڪتاب جي صورت اختيار ٿي ويندي. تنهن ڪري انهن عالمن جي تصانيف ۽ تاليفات جو ذڪر سَنَ سميت خدمت ۾ پيش ڪجي ٿو:

# علماء اهل سنت طرفان قاديانيت جو ڀرپور رد ھيٺيان ڪتاب لکي ڪيو:

| نمبر | ڪتاب جو نالو | صفحا | ليکڪ | وصال | سال اشاعت |
|---|---|---|---|---|---|
| 01 | تحقيقات دستگيريہ | 84 | علامہ غلام دستگير قصوري | 1897ع | 1883ع |
| 02 | فتح رحماني | 37 | علامہ غلام دستگير قصوري | 1897ع | 1896ع |
| 03 | رجم الشياطين | 63 | علامہ غلام دستگير قصوري | 1897ع | 1896ع |
| 04 | الالهام الصحيح (عربي) | 61 | مولانا غلام رسول امرتسري | 1320ھ | 1893ع |
| 05 | آفتاب صداقت | 81 | پير غلام مصطفيٰ نقشبندي | 1320ھ | - |
| 06 | ڪلمہ فضل رحماني | 194 | قاضي فضل احمد لڌيانوي | 1320ھ | 1896ع |
| 07 | جمعيت خاطر | 146 | قاضي فضل احمد لڌيانوي | 1320ھ | 1915ع |
| 08 | جزاءُ الله عدوة باباء ختم نبوة | 144 | امام احمد رضا خان بريلوي | 1921ع | 1899ع |
| 09 | السوء العقاب علي المسيح الڪذاب | 30 | امام احمد رضا خان بريلوي | 1921ع | 1902ع |
| 10 | قهرالديان عليٰ مرتد بقاديان | 25 | امام احمد رضا خان بريلوي | 1921ع | 1905ع |
| 11 | المبين ختم النبيين | 32 | امام احمد رضا خان بريلوي | 1921ع | 1908ع |

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| 12 | الحراز الدياني علي المرتد القادياني | 22 | امام احمد رضا خان بريلوي | 1921ع | 1921ع |
| 13 | الحسام الحرمين | 208 | امام احمد رضا خان بريلوي | 1921ع | 1906ع |
| 14 | خلاصہ فوائد الفتاویٰ | | امام احمد رضا خان بريلوي | 1921ع | 1906ع |
| 15 | الصارم الرباني عليٰ اسراف القادياني | 61 | مولانا محمد حامد رضا خان | 1942ع | 1898ع |
| 16 | درة الدراني عليَ ردة القادياني | 285 | مولانا محمد حميدالله خان | - | 1901ع |
| 17 | مرزائي حقيقت کا اظهار | 86 | شاه عبدالعليم صديقي | 1954ع | 1929ع |
| 18 | شمس الهدايہ | 148 | پير سيد مهر علي شاه گولڙوي | 1937ع | 1899ع |
| 19 | هدية الرسول | 101 | پير سيد مهر علي شاه گولڙوي | 1937ع | 1899ع |
| 20 | سيف چشتيائي | 423 | پير سيد مهر علي شاه گولڙوي | 1937ع | 1902ع |
| 21 | المكتوبات الطيبات | 40 | پير سيد مهر علي شاه گولڙوي | 1937ع | 1904ع |
| 22 | مفاتيح الاعلام | 67 | علامہ انوار الله چشتي | 1336ھ | - |
| 23 | افادة الافهام اول | 322 | علامہ انوار الله چشتي | 1336ھ | - |

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| 24 | افادة الافهام دوم | 325 | علامہ انوار الله چشتي | 1336 ھ | - |
| 25 | انوار الحق | 123 | علامہ انوار الله چشتي | 1336 ھ | - |
| 26 | معيار المسيح | 87 | علامہ انوار الله چشتي | 1336 ھ | -- |
| 27 | تيغ غلام گيلاني بر گردن قادياني | 183 | علامہ قاضي غلام گيلاني چشتي | 1930ع | 1911ع |
| 28 | جواب حقاني در رد بنگالي قادياني | 159 | علامہ قاضي غلام گيلاني چشتي | 1930ع | - |
| 29 | رسالہ بيان مقبول و رد قادياني مجهول | 94 | علامہ قاضي غلام گيلاني چشتي | 1930ع | - |
| 30 | رسالہ رد قادياني | 10 | علامہ قاضي غلام رباني چشتي | 1946ع | - |
| 31 | مرزا ڪي غلطيان | 12 | علامہ قاضي غلام رباني چشتي | 1946ع | - |
| 32 | قهر يزداني بر جان دجال قادياني | 60 | مولانا سيد پير ظهور شاه قادري | 1953ع | 1912ع |
| 33 | الظفرالرحمان في ڪسف القادياني | 198 | مناظر اسلام مفتي غلام مرتضيٰ | 1928ع | 1924ع |
| 34 | ختمِ نبوت | 20 | نامعلوم | 1928ع | - |
| 35 | اڪرامِ الحق ڪي ڪُلي چٽي ڪا جواب | 58 | علامہ حڪيم ابوالحسنات قادري | 1961ع | 1932ع |
| 36 | البرز شڪن گرز عرف مرزائي نامہ | 186 | مولانا مرتضيٰ احمد خان ميڪش | 1959ع | 1936ع |

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| 37 | پاڪستان ۾ مرزائيت ڪا مستقبل | 44 | مولانا مرتضيٰ احمد خان ميڪش | 1959ع | 1950ع |
| 38 | قادياني سياست | 08 | مولانا مرتضيٰ احمد خان ميڪش | 1959ع | 1951ع |
| 39 | ڪيا پاڪستان ۾ مرزائي حڪومت قائم هوگي؟ | 11 | مولانا مرتضيٰ احمد خان ميڪش | 1959ع | 1952ع |
| 40 | تازيانہ عبرت (ٻہ جلد) | 285 | ابوالفضل محمد ڪرم الدين دبير | 1365ع | 1932ع |
| 41 | اسيوف الڪلاميہ لقطع الدعويٰ الغلاميہ | 146 | مفتي اڪرم عبدالحفيظ حقاني حنفي | 1377ع | 1934ع |
| 42 | قهر يزداني بر قلم قادياني | 38 | مولانا ابوالمنظور محمد نظام الدين قادري | - | - |
| 43 | برق آسماني بر خرمن قادياني | 248 | مناظر اسلام ظهور احمد بگوي | 1945ع | 1932ع |
| 44 | تحريڪ قاديان | 180 | فداءِ ملت سيد حبيب | 1951ع | 1933ع |
| 45 | الحق المبين | 104 | حڪيم مولوي عبدالغني ناظم نقشبندي | 1966ع | 1934ع |
| 46 | الڪاويہ علي الغاويہ (3 جلد) | 1519 | علامہ محمد عالم آسي | 1944ع | 1934ع |
| 47 | خلاصة العقائد | 26 | علامہ عبدالماجد قادري | 1931ع | 1909ع |
| 48 | مرزائيون ڪي دوڪيبازيان | 24 | علامہ غلام احمد اخگر | 1927ع | 1913ع |

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| 49 | التقرير الفصيح في نزول المسيح | 12 | علامہ مشتاق احمد | 1937ع | 1315ھ |
| 50 | مرزائيت کا جال | 16 | ابوالفضل محمد کرم الدين دبير | 1965ع | 1931ع |
| 51 | تھذيب قادياني | 24 | علامہ تاج الدين تاج عرفاني | - | - |
| 52 | مينارہ قاياني | 8 | حکيم مولوي عبدالغني ناظم نقشبندي | 1966ع | 1933ع |
| 53 | معيار عقائد قادياني | 112 | مولوي بابو پير بخش لاھوري | - | 1912ع |
| 54 | بشارت محمدي في ابطال رسالت قادياني | 125 | مولوي بابو پير بخش لاھوري | - | 1918ع |
| 55 | کرشن قادياني | 40 | مولوي بابو پير بخش لاھوري | - | 1920ع |
| 56 | مباحثہ حقاني في ابطال رسالت قادياني | 184 | مولوي بابو پير بخش لاھوري | - | 1922ع |
| 57 | تحقيق صحيح في ترديد قبر مسيح | | مولوي بابو پير بخش لاھوري | - | 1922ع |
| 58 | الاستدلال الصحيح في حياة المسيح | 550 | مولوي بابو پير بخش لاھوري | - | 1924ع |
| 59 | ترديد نبوة | 308 | مولوي بابو پير بخش لاھوري | - | 1925ع |
| 60 | مقياس النبوة | 1050 | مولانا محمد عمر اڇروي | 1971ع | - |
| 61 | معيار المسيح | | خواجہ محمد ضياءُ الدين سيالوي | - | 1922 |

مجاهد اسلام مولانا فقير محمد جهلمي 13 ذوالحج 1303 هجري کان هڪ هفتيوار اخبار "سراج الاخبار" نالي سان جاري ڪئي. جنهن ۾ پنهنجي دور جي اعتقادي فتنن خاص ڪري قادياني فتني مرزائيت جي ترديد ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو ۽ ڪتاب حائق حنفيہ لکيو. هي سڀ ورهاڱي کان اڳ صورتحال جا هئي، سا پيش ڪئي وئي.

ورهاڱي کان پوءِ تہ تمام گهڻو ڪم ٿيو آهي. جنهن جو احاطو ڪرڻ ممڪن ڪونهي. جيتوڻيڪ مختصرًا عرض رکجي ٿو.

پاڪستان خلاف قاديانين طرفان تخريب سرگرميون پاڪستان جي قائم ٿيڻ سان ئي جاري ٿي ويون. انهن جي ڪفريہ عبارتن ۽ مذهبي عقائدن جي خلاد هر دؤر جا عالم سڳورا، انهن تي ڪفر جون فتوائون لڳائيندا رهيا ۽ انهن کي ڪافر قرار ڏيارڻ لاءِ عالمن جي طرفان ڪوششون جاري رهيون.

هن مطالبي ۾ شدت 1953ع ۾ مولانا ابوالحسنات محمد احمد قادري جي قيادت ۾ تحريڪ ختم نبوت جي سرگرم عمل ٿيڻ سان آئي. جنهن جي نتيجي ۾ نئين جڙندڙ حڪومت غير ملي آقائن کي خوش ڪرڻ لاءِ تحريڪ جا قائدين جيلن ۾ واڙيا ويا ۽ هزارين ختم نبوت جي پتنگن تي گوليون هلائي، انهن کي شهيد ڪيو ويو. وقتي طور تي تحريڪ کي دٻائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. انهيءَ تحريڪ دوران مولانا عبدالستار خان نيازيءَ ۽ مولانا خليل احمد قادري کي تحريڪ جي قيادت ڪرڻ، جڏهن تہ مولانا ابوالاعليٰ مودودي کي "قادياني مسئلہ" نالي ڪتاب مرتب ڪرڻ تي موت جي سزا ٻڌائي وئي. هن تحريڪ ۾ علامہ سيد احمد سعيد شاهہ ڪاظمي، مولانا غلام محمد ترنم، مولانا غلام الدين، مولانا محمد بخش مسلم، مولانا عبدالحامد بدايوني، صاحبزاده سيد فيض الحسن آلو مهاروي، علامہ عبدالغفور هزاروي، مفتي محمد حسين نعيمي، مولانا سيد افتخارالحسن شاهہ پير

محمد قاسم مشوري لاڙڪاڻو، مفتي محمد حسين سڪروي، مفتي صاحبداد خان (پير جو ڳوٺ)، پير آف سيال شريف، پير آف پرچوندي شريف، پير آف گولڙه شريف، پير آف ماٽڪي شريف، پير آف زڪوڙي شريف، علامہ ابوالبرڪت سيد احمد قادري، محدث اعظم پاڪستان مولانا محمد سردار احمد چشتي قادري، ڀرپور حصو ورتو.

تحريڪ ختم نبوت 1953ع تي حڪومت جي ڏنڊي جي زور تي هيٺو ڪيوءِ ڪارڪنن سان ڏاڍو خراب سلوڪ ڪيو ويو. جنهن تي قاديانين جي حوصلہ افزائي ٿي. جنهن جي نتيجي ۾ هو سرِ عام تخريبي ڪارروايون ڪندا رهيا.

## نعت

نبوت اوهان تي وئي ٿي ختم آ
نبي ڪونہ ايندو خدا جو قسم آ

اچڻ سان اوهان جي ٿيو دين ڪامل
خدا جو اوهان تي خصوصي ڪرم آ

هٺي ڪوڙ ڪارا نبي ٿي سڏايو
وڏو قادياني صفا ڪو خصم آ

رکي جوبہ دل ۾ اوهان سان بيائي
پڪو يار ابليس جو بي شرم آ

ڪرم جي نظر سان نوازيو هي "ڪتري"
ڪيو پاڻ تي پاڻ ڏاڍو ستم آ

# مرزائيت جي باري ۾ ڪجھ اهم عدالتي فيصلا

1) 25 مارچ 1954ع تي ميان محمد سليم سينئر سول جج راولپنڊي پنهنجي فيصلي ۾ قاديانين کي غير مسلم قرار ڏنو.

2) 3 جون 1955ع تي جناب شيخ محمد اڪبر صاحب ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج راولپنڊي پنهنجي فيصلي ۾ مرزائين کي ڪافر ۽ اسلام جي دائري کان خارج قرار ڏنو.

3) 22 مارچ 1969ع تي شيخ محمد رفيق گريجا سول جج فيملي ڪورٽ فيصلو ڏنو ته مرزائي خواه قادياني هجي يا لاهوري غير مسلم آهن.

4) 13 جولاءِ 1970ع تي سول جج سامارو (جيمس آباد) ضلع ميرپور خاص پنهنجي فيصلي ۾ مرزائين کي اسلام جي دائري کان خارج قرار ڏنو.

5) 1972ع ۾ چوڌري محمد نسيم سول جج رحيم يار خان فيصلو ڏنو ته قاديانين کي مسلمانن جي آبادين ۾ تبليغ ڪرڻ يا عبادت گاه ٺاهڻ جي اجازت ڪونهي.

6) 11 آڪٽوبر 1974ع تي محترم منظور حسين سول جج ڊسڪا ضلع سيالڪوٽ مسلمانن ۽ قاديانين وچ ۾ تڪراري عبادت گاه جي سلسلي ۾ قاديانين کي غير مسلم اقليت قرار ڏيندي، عبادت گاه مسلمانن حوالي ڪرڻ جو حڪم صادر ڪيو.

7) ماريشش سپريم ڪورٽ ۾ قاديانيت جي باري ۾ سڀ کان وڏو مقدمو:-

"مسجد روزهل جي مقدمي" کي ماريشش جي تاريخ جو وڏي ۾ وڏو مقدمو چيو ويندو آهي. چوته پورن ٻن سالن تائين سپريم ڪورٽ بيان ٻڌا. شاهديون گڏ ڪيون ۽ ڀهريون ڀيرو اهو فيصلو ڏنو ته "مسلمان الڳ امت آهي ۽ قادياني الڳ". عدالت عاليه جي ڪاروائيءَ دوران هزارين مسلمان موجود هئا ۽ ملڪ کي پهريون ڀيرو خبر پئي ته قادياني مسلمان ڪونه آهن. پر مسلمانن جي ويس ۾ پنهنجا مقصد حاصل ڪن ٿا. جيئتوڻيڪ 19 نومبر 1920ع تي چيف جسٽس "سرالي هرچيز ورڊ" هن ريت فيصلو ڏنو:۔

"عدالت عاليه هن نتيجي تي پهتي آهي ته مدعا عليه (قاياني) کي اهو حق نه آهي ته هو روزهل مسجد ۾ پنهنجي پسند جي امام پويان نماز ادا ڪن. هن مسجد ۾ پنهنجن عقيدن جي روشنيءَ ۾ صرف مدعي (مسلمان) ئي نماز ادا ڪري سگهن ٿا."

ساڳي عدالت جي هڪ ٻئي جج جناب تي اِي روزلي پڻ هن فيصلي سان اتفاق ڪيو.

(قاديانيت اور ملت اسلاميه ڪا موقف صلي الله عليه وآله وسلم 98۔ 99 بحواله شاتم رسول اوراس ڪا هولناڪ انجام صفحه 274۔275 از ڈاڪٹر محمد شوڪت علي قادري چشتي دلداري)

29 مئي 1974ع تي قاديانين طرفان چناب نگر (ربوه) ريلوي اسٽيشن تي نشتر ميڊيڪل ڪاليج جي شاگردن تي جيڪي اترئين علائقن مان گهمي واپس ريل رستي اچي رهيا هئا. تن انهن تي سخت تشدد ڪيو. جنهن جي نتيجي ۾ مجلس تحفظ ختم نبوت تحريڪ هڪ دفعو ٻيهر شروع ٿي وئي ۽ قاديانين کي غير مسلم قرار ڏيارڻ جي اصولي مطالبي سگه ورتي. هر صاحب ايمان هن تحريڪ ۾ ڪنهن نه ڪنهن نموني حصو ورتو.

16 جون 1974ع تي فيصل آباد ۾ سيني مڪتب فڪر جي علماء و مشائخ جي گڏجاڻي ٿي. جنهن ۾ مجلس تحفظ ختم نبوت ملا محمد يوسف بنوري، مولانا تاج محمد، مولانا محمد شريف جالندري ۽ سردار مير عالم لغاري.

جمعيت علماء پاڪستان جا: مولانا شاهه احمد نوراني، مولانا عبدالستار خان نيازي، مولانا صاحبزاده فضل رسول، مولانا عبدالمصطفيٰ اظهري، مولانا محمود علي قصوري ۽ مولانا غلام علي اوڪاڙوي
جمعيت علماء اسلام جا: مولانا مفتي محمود، مولانا عبدالحق اڪوڙه خٽڪ، مولانا عبيدالله انور، مولانا محمد زمان اڇڪزئي، مولانا محمد اجمل خان ۽ مولانا محمد ابراهيم.
جمعيت اهل حديث جا: ميان فضل حق، مولانا عبدالقادر روپڙي، مولانا اسحاق چيمه، شيخ محمد اشرف، مولانا محمد صديق ۽ مولانا محمد شريف اشرف.
تبليغي جماعت جو مولانا مفتي زين العابدين
اهل تشيع جو سيد مظفر علي شمسي
مسلم ليگ جا: ميجر اعجاز احمد چوڌري، صفدر علي رضوي، چوڌري ظهور الاهي ۽ سيد اصغر علي شاهه
پاڪستان جمهور پارٽي جا: نوابزاده نصرالله خان ۽ رانا ظفرالله خان.
مجلس احرار جا: مولانا عبيدالله احرار، مولانا سيد عطاءُ المنعم شاهه بخاري، چوڌري ثناءُالله، ملڪ عبدالغفور انوري ۽ سيد عطاءُ الحسن شاهه بخاري
اشاعت توحيد جا: مولانا غلام الله خان ۽ مولانا عنايت الله خان.
جماعت اهل سنت جا: مولانا غلام علي اوڪاڙوي ۽ سيد محمود شاهه گجراتي
تنظيم اهل سنت جا: سيد نورالحسن بخاري ۽ مولانا عبدالستار تونسوي
اتحاد العلماء جا: مولانا مفتي سياح الدين ڪاڪا خيل، مولانا محمد چراغ ۽ مولانا گلزار احمد مظاهري
حزب الاحناف جا: مولانا سيد محمود رضوي ۽ مولانا خليل احمد قادري
جماعت اسلامي جا: پروفيسر غفور احمد، چوڌري غلام جيلاني ۽ ميان طفيل محمود.
قادياني محاسبه ڪميٽي جا: آغا شورش ڪاشميري، علامه احسان الاهي ظهير.
نيشنل عوامي پارٽي جا: ارباب سڪندر خان ۽ جناب امير زاده صاحب.
قومي اسيمبلي جو آزاد گروپ ليڊر مولانا ظفر احمد انصاري،

# مجلس عمل تحفظ ختم نبوت جي چونڊ

صدر: مولانا يوسف بنوري
ناظم اعليٰ: مولانا محمود احمد رضوي
نائب صدر: مولانا عبدالستار خان نيازي، سيد مظفر علي شمسي، مولانا عبدالواحد ۽ نوابزاده نصرالله خان
نائب ناظم: مولانا محمد شريف جالنڌري
خزانچي: ميان فضل حق

هن سڄي ڪارروائي مان اسان کي پڌري چاڻ پئي ته جڏهن به اسين مسلمان آقا عليہ السلام جي ناموس لاءِ گڏ ٿيا آهيون، ته ڪاميابين اسان جا قدم چميا آهن.

اڳين پيش رفت ۾ 30 جون 1974ع تي پارليامينٽ ۾ ٻه ڌار ڌار قراردادون پيش ڪيون ويون. انهن ۾ هڪ حڪومت وقت جي قرارداد، جيڪا وزير قانون عبد الحفيظ پيرزادي پيش ڪئي، ته قادياني جماعت جي آئيني حيثيت ڪهڙي آهي.

ٻي قرارداد ان وقت جي اپوزيشن ليڊر مولانا شاهه احمد نوراني پيش ڪئي. جنهن ۾ قومي اسيمبلي جي ميمبرن ۽ عالمن صحيحون ڪيون. جنهن ۾ قادياني ڪافر هئڻ لاءِ علماء جو چٽو موقف ڄاڻايل هو. ان وقت قادياني پارٽي جا ميمبر پارليامينٽ ۾ پيش ٿيا: سي مرزا ناصر احمد، مرزا طاهر احمد، مولانا ابوالعطا جالنڌري، شيخ محمد احمد مظهر ۽ مولانا دوست محمد. لاهوري گروپ مان پارليامينٽ ۾ شامل ٿيندڙن ۾ صدرالدين، مرزا مسعود بيگ ۽ مولوي عندالمنان عمر شامل هئا. وڏن بحثن کان پوءِ متفقه راءِ سان قومي اسيمبليءَ ۾ قادياني جماعت کي غير مسلم قرار ڏنو ويو.

جنهن کان پوءِ انهن تي پاڪستان جي آئين موجب ملڪ ۾ هيٺيون پابنديون لاڳو ٿين ٿيون:-

قادياني پنهنجي عبادت گاهه نٿا ٿاهي سگهن ۽ نه ئي مسجد جو نالو استعمال ڪري سگهن ٿا.

قادياني مسلمانن جيان ٻانگ نٿا ڏئي سگهن

قادياني مسلمانن وانگر نماز نٿا پڙهي سگهن

قادياني پنهنجي دين جي تبليغ نٿا ڪري سگهن

قادياني اليڪشن ۾ حصو وٺي نٿا سگهن

پابندين هوندي به قادياني پنهنجي سرگرمين کي جاري رکيو اچن. جنهن ۾ ٻهراڙين خاص ڪري پنتي پيل ۽ غربت جي ور چڙهيل علائقن ۾ روزگار ۽ ٻين سهولتن جي عيوض پنهنجي مذهب جي تبليغ ڪرڻ. مسلمانن جي مسجد وانگر عبادت گاهون جوڙائڻ. نوجوانن کي شادين ڪرائڻ، نوڪريون ڏيارڻ جهڙيون لالچون ڏئي، قاديانيت مذهب ڏانهن ماڻهن کي مائل ڪرڻ جون ڪوششون ڪري رهيا آهن. جن جي ڪين پاڪستان ۾ قانوني طور تي ڪا به اجازت نه آهي.

تازو ننڪانه صاحب ۾ 4 جنوري 2021ع تي جناب جوڊيشل مئجسٽريٽ ننڪانه صاحب هڪ فيصلو ٻڌايو آهي. جنهن جو تفصيل هن ريت آهي.

"قاديانين جي پنهنجي غير قانوني عبادت گاهه (واقع ڪالوني شوڪت آباد ننڪانه صاحب) کي مسلمانن جي مسجد وانگي ان ۾ منبر و محراب ٺاهڻ ۽ ان غير قانوني عبادت گاهه ۾ شعائر اسلام جو استعمال جهڙوڪ: بسم الله، يا حي يا قيوم وغيره خاص طور تي ڪلمو طيب نصب ڪرڻ ۽ قرآن شريف جا نسخا رکڻ تي مئجسٽريٽ ننڪانه صاحب بَجُرم 298 بي، 298 سي سان گڏوگڏ توهين رسالت 259 سي ۽ توهين قرآن 295 بي جون شقون شامل ڪري ڇڏيون.

ياد رهي ته قادياني عقيدي موجب ڪلمه طيب ۾ محمد رسول الله مان مراد مرزا قادياني به آهي. ان لاءِ قادياني جڏهن به ڪلمو طيب پڙهندا آهن، ته محمد رسول الله مان مراد مرزا غلام احمد قادياني مان ئي وٺندا

آهن. جڏهن ته انهن جو اهو عمل پي ايل ڊي 1993, ايس سي ايم آر 1718. پي ايل ڊي 1992 لاهور ۾ ٻين فيصلن موجب 295_سي توهين رسالت جي زمري ۾ اچي ٿو.

اسان جو مسلمان هئڻ ناطي اولين فرض آهي، ته پنهنجي پنهنجي علائقن تي نظر رکون، ته اهڙا بدبخت اسان جي پاڙي، شهر، ڳوٺ ۾ پرپاسي ۾ موجود ته نه آهن. جي آهن ته انهن تي ڪڙي نظر رکون. ۽ انهن جي هر غير قانوني حرڪت کان پنهنجي ويجهي عالم دين سان ذڪر ڪريون. گڏوگڏ قانوني ادارن کي پڻ آگاهي ڏيون. ته جيئن ختمِ نبوت جي منڪرن جو بروقت سد باب ٿي سگهي.

ان کانسواءِ ڪوشش ڪريون ته ڪابه قادياني مصنوعات "شيزان ڪمپني جون سيئي شيون، شاهتاج شگرمل، گهي، ٽيڪسٽائل مل، ادريس فارماسوٽيڪ، شاهنواز لميٽڊ، پنجاب آئل مل، ذائقه گهي، مولي سوپ، گاجر سوپ، ڪنگ بناسپتي، ڪين آلو آئل، شان آٽا، مطب حميد، ايف بي هوميو وارسن هوميو ڪيوريٽو هوميو ليڪسو هوميو خورشيد يوناني دواخانو پرل بناسپتي، ڪنگ بناسپتي جون ٺهيل شيون خريد نه ڪريون. نه ئي قاديانيت کي هوا ڏيئي اياريندڙن (يهودي لابي خاص طور تي ۽ عيسائي لابي عام طور تي) جون ٺاهيل شيون واپرايون. اسين ڀيو وڏيڪ جي ڪجه نٽا ڪري سگهون. پر ايترو ضرور ڪري سگهون ٿا، ته انهن اسلام دشمنن کي پنهنجي هٿان مالي طور طاقتور ٿيڻ کان روڪي سگهون ٿا.

## مرزا، مرزائي ۽ مرزائيت علماءِ و مشائخ اهلسنت جي نظر ۾

**خواجہ غلام فريد ڪوٽ مٺڻ عليہ رحمہ:**

مرزا قادياني ڪافر آهي. قادياني فرقو ناري ۽ جهنمي آهي. حضور اڪرم ﷺ تي نبوت ختم ٿي چڪي آهي. حضور ﷺ ڪانپوءِ ڪوبہ نبي ٿي نٿو سگهي. (فوائد الفريد، ص 13، مضمون خواجہ غلام فريد ماهنامہ "ضياءِ حرم" ڊسمبر 1974ع)

**اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان بريلوي عليہ رحمہ:**

قادياني مرتد، منافق آهن. مرتد منافق اهو آهي جيڪو ڪلمو اسلام جو پڙهندو هجي. پنهنجي پاڻ کي مسلمان بہ چوندو هجي. ۽ الله پاڪ ﷻ يا رسول الله ﷺ يا ڪنهن نبيءَ جي توهين ڪندو هجي. يا دين جي ضرورتن مان ڪنهن بہ شيءِ جو منڪر هجي. ان جي ڪُتِي فقط نجس، مردار، حرام قطعي آهي. مسلمانن جي بائيڪاٽ جي ڪري قادياني کي مظلوم سمجهندڙ ۽ ان سان قطع تعلق ٿيڻ کي ظلم ۽ ناحق سمجهندڙ اسلام کان خارج آهي. جيڪو ڪافر کي ڪافر نہ چوي، سو بہ ڪافر. (احڪام شريعت)

**حضرت ميان شير محمد شرقپوري عليہ رحمہ:**

حضرت ميان شير محمد شرقپوريءَ هڪ ڀيري مراقبو ڪيو ۽ ڏٺو تہ مرزا قادياني جي شڪل قبر ۾ ڪتي جهڙي آهي. ۽ مٿس ڇتپڻ جو دورو پيل آهي ۽ منهن پٺيان مڙيل اٿس، ڀونڪي رهيو آهي. ۽ ڦيريءَ جيان ڦري رهيو آهي. وات مان گجي وهي رهي آهيس. گهڙيءَ گهڙيءَ پنهنجي پڇ ۽ ٽنگن کي چڪ هڻي رهيو آهي. (تذڪره مجاهدين ختم نبوت)

**حضرت پير مهر علي شاه گولڙوي عليہ رحمہ:**

حجاز مقدس سفر دوران مڪي مڪرم ۾ حضرت حاجي امداد الله عليہ رحمہ سان ملاقات ٿي جيڪو صحيح صاحبِ ڪشف انسان هو. جڏهن ان کي منهنجي آزاد ۽ بيباڪ طبيعت جي خبر پئي، تہ شديد اصرار ۽ تاڪيد سان فرمايو تہ جيئن تہ عنقريب هندوستان ۾ هڪ فتنو ظاهر ٿيڻ وارو آهي، تنهن ڪري تون واپس وطن هليو وڃ.

جيڪڏهن تون اتفاق سان خاموش ٿي رهندين، تڏهن ٿي فتنو ترقي ڪري نه سگهندو. اهڙيءَ ريت ملڪ ۾ سڪون رهندو. تنهن ڪري آئون پوري يقين سان حاجي صاحب جي هن ڪشف کي مرزا قاديانيءَ جي فتني سان تعبير ڪريان ٿو.

حضور ﷺ پاڻ ٿي خواب ۾ مون کي حڪم ڏنو ته هي مرزا قادياني غلط تاويلن جي قينچيءَ سان منهنجون حديثون ڪپي ٽڪرا ٽڪرا ڪري رهيو آهي ۽ تون ماٺ ۾ آهي! (ملفوظات طيبه)

حضرت خواجه قمرالدين سيالوي عليه رحمه :

جيڪو شخص اسلام ڇڏي ٻيو دين اختيار ڪري ٿو سو ڪافر آهي، مرتد آهي ۽ مرتد جي سزا شريعت ۾ قتل آهي. جيڪر منهنجي هٿ ۾ حڪومت هجي ها ته آئون قاديانين جو فيصلو شريعت موجب ڪريان ها. جهڙو مثال سيدنا ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه قائم ڪيو هو.مرزائين جو سوشل بائيڪاٽ بلڪل جائز آهي. انهن سان هر قسم جا ڳانڍاپو ختم ڪيو وڃي. (ماهنامه ضياءِ حرم ڊسمبر 1974ع)

حڪيم الامت علامه اقبال عليه رحمه :

آئون هن سلسلي ۾ ڪوبه وهم و گمان پنهنجي دل ۾ نٿو رکان ته هي احمدي (مرزائي) اسلام ۽ هندوستان ٻنهي جا غدار آهن. (علامه اقبال ڪا مڪتوب پنڊت جواهر لعل نهرو کي نام 21 جون 1936ع)

باني پاڪستان قائد اعظم محمد علي جناح عليه رحمه :

جڏهن ڪشمير مان واپسيءَ تي قائد اعظم کان سوال ڪيو ويو ته توهان جي قاديانين جي باري ۾ ڪهڙي راءِ آهي؟ ته پاڻ فرمايائون "منهنجي راءِ اهائي آهي جيڪا علماء ڪرام ۽ سڄي امت جي آهي." (هفت روزه لولاڪ ڊسمبر 1971ع)

قائد تحريڪ ختم نبوت 1974ع مولانا شاه احمد نوراني عليه رحمه :

مرزائيت، يهوديت جي هنجهه ۾ نپجي رهي آهي. ۽ پاڪستان ۾ "تل ابيب" جو ايجنٽ "ربوه" آهي. ان جي ذريعي جيڪو چاهين ٿا سو ڪرائين ٿا. مذهب جي ته هنن ماٺهن پوشاڪ ڍڪي رکي آهي. حقيقت اها آهي ته هيءَ هڪ تمام خطرناڪ سياسي تحريڪ آهي ۽

هيءَ صيهونيت جي هڪ ذيلي تنظيم آهي، جيڪا مسلمانن منجهه رهي ڪري، مسلمانن جي تباهيءَ جو سامان مهيا ڪري رهي آهي.
(ارشادات نوراني : ضياءُ المصطفيٰ قصوري)

مجاهت ملت مولانا عبدالستار خان نيازي عليه رحمه :

مرزائي جتي به موجود آهي، ڪفر جو ايلچي آهي، اسلام جي خلاف جاسوس آهي. مرزا قاديانيءَ پاڻ چيو آهي، ته ”آئون انگريز جو پوکيل ٻوٽو آهيان ۽ انگريز جي اطاعت خدا ۽ رسول جي اطاعت آهي.“ وڌيڪ هن چيو ته ”انگريز جي دور ۾ اسان کي اهڙو امن امان نصيب ٿيو آهي، جيڪو مڪي ۽ مديني ۾ به نٿو ملي سگهي.“ قاديانين سقوط ڍاڪا وقت گهيءَ جا ڏيئا ٻاريا هئا. (هفت روزه ختم نبوت مارچ 1974ع)

پاسبان مسلڪ رضا عالم با عمل مولانا ابو دائود محمد صادق عليه رحمه :

مرزا قاديانين بابت ياد رکو ته اهي صرف ختم نبوت جي انڪار جي ڪري مرتد نه آهن. پر هن ٻئي ڪفر کان سواءِ ان جا ٻيا به ڪيترائي ڪفر آهن. تنهن ڪري مرزا قادياني ۽ ڪنهن به مدعي نبوت کي نبي مڃڻ، پنهنجو امام ۽ پيشوا مڃڻ ته رهيو هڪ پاسي، پر اهڙن کي رڳو ادنيٰ مومن سمجهڻ ۽ انهن جي ڪفر ۾ شڪ ڪرڻ به اسلام کان خارج ڪريو ڇڏي. (هفت روزه رضوان 1952ع)

مجاهد تحريڪ ختم نبوت حضرت صوفي محمد اياز خان نيازي (ڪراچي) امير اول تحريڪ فدايان ختم نبوت پاڪستان:

1948ع ۾ جڏهن ڪشمير جي آزاديءَ لاءِ جهاد شروع ٿيو ۽ ڪشمير جي مظلوم مسلمانن کي ڊوگره سامراج کان آزاد ڪرائڻ لاءِ سڄي ملڪ مان عوام بالخصوص صوبي سرحد جي قبيلن ڪشمير جو رخ ڪيو ته صوفي محمد اياز خان نيازي عليه رحمه به ميانوالي مان مجاهدن جي لشڪر جي قيادت ڪندي ڪشمير پهتو. مشهور مسلم ليگي رهنما امير عبدالله خان روڪڙي ان لشڪر ۾ هڪ عام سپاهيءَ جي حيثيت سان ساڻن گڏ هو. پاڻ فرمائيندا هئا ته اسين هڪ ڏينهن ۾ جيترو پيرين پنڌ سفر ڪري سگهندا هئاسين، اوترو علائقو فتح ڪري وٺندا هئاسين. اسان جي اچڻ جي خبر ٻڌي ڊوگره فوجي ۽

هندو مهاشا اهو هنڌ ڇڏي ڀڄي ويندا هئا. پاڻ ڏاڍي افسوس سان اظهار ڪندا هئا ته اسان جيڪا جنگ ميدان ۾ کٽي سا مذاڪرات جي ميز تي هارائي ڇڏي. جيڪڏهن اسان کي ڪجهه ڏينهن وڌيڪ ملن ها ۽ فائر بنديءَ جو اعلان نه ٿئي ها ته اسين سڄو ڪشمير فتح ڪري ڇڏيون ها. اسين هندن ۽ قاديانين جا شڪار ٿي وياسين. هندو مان مراد جواهر لال نهرو ۽ قاديانيءَ مان مراد ظفرالله خان هو. پاڻ فرمائين ٿا ته پاڪ فوج پاران جيڪو فوجي آفيسر قبائلي لشڪر کي هدايتون ڏئي رهيو هو مون کي ان تي به شڪ هو ته سو به اندران ئي اندر قادياني آهي. جيڪو مسلمانن جي فتح نٿو چاهي. (ماهنامه لانبي بعدي، نومبر 2003ع)

**ايم ايم عالم مرحوم (اسڪواڊرن ليڊر) جنگ سيپٽمبر 1965ع جو هيرو:**

قاديانين هميشه غداري ڪئي آهي. هي ماڻهو وطن ۽ قوم ٻنهي جا دشمن آهن. مون بابت هنن ماڻهن افواه پکيڙي آهي ته نعوذ بالله آئون قادياني آهيان. آئون انهن تي لعنت وجهان ٿو. (هفت روزه لولاڪ، مارچ 1988ع)

**جسٽس پير محمد ڪرم شاه الازهري عليه رحمه:**

مرزائي اسان جا اهڙا لڪل دشمن آهن. جيڪي اسان سان رهي، وطن عزيز جي پاڙن کي اڏوهيءَ جيان چٽڻ ۾ مصروف آهن. اسلامي نظام جي نافذ ٿيڻ ۾ جيڪي انهن رنڊڪون وڌيون آهن. انهن کان اسين باخبر آهيون. هن فتني جي تدارڪ جي ذميداري اسان جي ڪلهن تي ٻين کان وڌيڪ اچي ٿي. جيڪڏهن اسان ان ۾ ڪوتاهي ڪئي ته آئيندي جو نسل اسان کي ڪڏهن به معاف نه ڪندو. (ماهنامه ضياءِ حرم، ڊسمبر 1974)

**ڊاڪٽر عبدالقدير خان ايٽمي هيرو:**

هن ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته ڪيتري ئي وقت کان وٺي قادياني ملڪ جي اندر ۽ ٻاهر يهودي لابي سان ملي، پاڪستان جي ايٽمي پروگرام خلاف بين الاقوامي سطح تي بي بنياد پروپيگنڊه ڪري، پاڪستان کي بدنام ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ ۾ سرگرم عمل رهيا آهن. ۽ پنهنجو اثر و رسوخ استعمال ڪندي، مغربي ملڪن طرفان طرح طرح جون

رڪاوٽون وجهائي، اجايون پابنديون هٽائي، اسان جي فني ترقيءَ کي مفلوج ڪرائڻ ۾ مشغول آهن. (هفت روزه چٽان، آگسٽ 1986)

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو:

قادياني ايترا خطرناڪ آهن! ان جو احساس مون کي هِن وقت ٿيو آهي. مون ڪڏهن سوچيو بہ نہ هو تہ قادياني مذهب جا ماڻهو اهڙا خطرناڪ ارادا رکن ٿا. (مقالہ مولانا تاج محمود علوم اسلاميہ پنجاب يونيورسٽي 1991 از محمد نديم)

"مان نبي ڪريم ﷺ مٿان هزار جانيون قربان ڪري سگهان ٿو." (جيل ۾ بيگم نصرت ڀٽو سان ملاقات ۾ اظهار)

" قاديانين کي غير مسلم قرار ڏيڻ هن لاءِ ڦاهي جي ڦندي برابر آهي. "

"برسر اقتدار اچڻ کان پوءِ جڏهن آئون سربراه مملڪت جي حيثيت سان پهريون ڀيرو آمريڪا ويس تہ آمريڪي صدر مون کي هدايت ڪئي تہ پاڪستان ۾ قادياني جماعت اسان جو سيڪٽ (ٽولو) آهي. اوهان انهن جو هر لحاظ کان خيال رکندا. ٻئي دفعي دوري تہ بہ ساڳي ڳالهہ ورجائي وئي. هيءَ ڳالهہ مون وٽ امانت هئي. رڪارڊ خاطر وائکي ڪري رهيو آهيان. (مولانا محمد يوسف بنوري سان ملاقات ۾ اظهار)

علامہ خادم حسين رضوي عليہ رحمہ:

دنيا ۾ اهڙي ڪابہ شيءِ ڪونهي جنهن سان قاديانين کي ڀيٽ ڏئي سگهجي. هي سور کان بہ بدتر آهن. قادياني اسلام جا غدار ۽ انگلستان جا وفادار آهن. يهودي، عيسائي، هندو ۽ سک ڪافر تہ مرزائي، قادياني نہ صرف ڪافر پر مرتد ۽ زنديق آهن. قاديانين سان مِلڻ جُهلڻ ۽ تعلقات ناطا سيني کان وڏي بي غيرتي آهي. قاديانين سان ماٽي ڪرڻ حرام ۽ انهن جو اولاد حرامي آهي. (مرزائيت، قاديانيت اور احمديت کيا هي؟ ص 15)

الله تبارڪ و تعاليٰ اسان کي ايمان جي سلامتي ۽ پنهنجي محبوب ڪريم ﷺ جي ڪامل محبت عطا فرمائي، تہ جيئن اسين ختمِ نبوت جي منڪرن سان مهاڏو اٽڪائي سگهون. جيڪا ايمان جي نشانين مان هڪ وڏي نشاني آهي.

# ماخذات:

1. بيان الرحمن ترجمة القرآن : علامہ عبدالوحيد جان سرهندي دامت برڪاتهم العاليہ
2. احسن البيان في تفسير القرآن: علامہ حاجي محمد ادريس ڏاهري دامت برڪاتهم العاليہ
3. الصحيح البخاري
4. الصحيح المسلم
5. بائبل (عهدنامو قديم ۽ جديد)
6. فيضان صديق اڪبر رضي الله عنہ : دعوت اسلامي
7. عقيده ختم نبوت: علامہ ڊاڪٽر محمد طاهر القادري
8. سيف چشتيائي: پير مهر علي شاھ گولڙوي عليہ رحمہ
9. تحريڪ ختم نبوت 1974ع سڪندر مرزا بحوالہ الخاتم آگسٽ 2016ع
10. قرارداد ختم نبوت ڪا اصل محرڪ ڪون؟ محمد احمد ترازي
11. شاتم رسول اور اس ڪا هولناڪ انجام : ڊاڪٽر محمد شوڪت علي قادري چشتي دلداري
12. بائبل ۾ ردوبدل : رانا محمد اسلم
13. عقيده ختم نبوت اور فتنہ قاديانيت : محمد دانش احمد اختر القادري
14. ٽيھ ڪوڙا : پروفيسر ڪريم بخش نظاماڻي
15. 22 جهوٽي نبي : نثار احمد فتحي
16. شعور ختم نبوت اور قاديانيت شناسي : محمد طاهر رزاق
17. تجلياتِ ختمِ نبوت از صلاح الدين سعيدي

## ميلاد مصطفي ﷺ آرگنائيزيشن مٽياري

## پاران ڇپايل ڪتاب



1. ذڪر پاڪ شاهہ لولاڪ ﷺ 2011
2. مولا علي ڪرم الله وجهہ 2014
3. حضرت عثمان غني رضي الله عنه 2016
4. حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه 2017
5. حضرت مخدوم ساهڙ سوائي رحمه الله 2017
6. صلوا عليہ و آلہ 2017
7. ساراهہ سچي سرور ﷺ جي نعتيہ ڪلام 2018
8. سرهاڻ مديني جي 2021

ان ڪان سواءِ تماهي رسالو

"احد احمد پاڻ ۾"

جا 6 پرچا جاري ڪيا ويا